ڊاڪٽر گل حسن لغاري

[ تصوف]

## روميءَ رحه

## ” دل ۾ آئينو آهي“

عام طرح سان ٻه دل کي آئيني سان تشبيهه ڏيندا آهن ۽ انسان پنهنجي دل جي آئيني سان دنيا کي ڏسي ٿو ۽ سموري دنيا ۾ انسان جي دل ۾ منعڪس ٿئي ٿي. اُن لاءِ دل جي صفائي ۽ پاڪائي جو هئڻ لازمي آهي. حرص و هوا، دنياداري ۽ ۽ بيهوده ڊگهيون خواهشون ۽ تمنائون ۾ انسان جي دل جي آئيني کي ڪٽ چاڙهيو ڇڏين. حقيقي عرفان ماڻڻ لاءِ دل؛ صاف وشفاف ۽ بغير ڪيني جي هئڻ ضروري آهي ته جيئن گوهرِ حقيقي يا پرتو الاهي ان ۾ منعڪس ٿي سگهي. عام ماڻهن جي دل يا قلب زنگ آلود هئڻ سبب ۾ حقيقت الاهي کي پنهنجي عڪس ۾ نٿو آڻي سگهي.

مولانا عبدالرحمٰن جامي ؒ انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو:

بقدرِ آئينہ حسن تو مي نمايند روي
دريخ ڪائينہء ما نهفتہ در زنگ است

(آئيني جي مطابق، پنهنجي حسن جو جلوو اچي ٿو: افسوس جو آئينو (دل) زنگ ۾ لڪل آهي!)

مولانا جلال الدين روميؒ بلخي دل جي بابت پڻ نهايت لطيف انداز ۾ چئي ٿو تہ:

1 . از آئينہ ات داني چراغماز نيست
زانکہ زرنگار از رخش ممتاز نيست

2 . آئينہ کز زنگ و آلايش جـداست
پر شعاع نور خورشيد خداست

3 . زو تو زنگار از رخ او پاک کن
بعد ازان آن نور را ادراک کن
4 . این حقیقت راشنو از گوش دل !
تابرون آئي بکلي زاب وکل
ترجمون:
1. ڇا توکي خبر آهي تہ تنھنجو آئينو (دل) عڪس نما ڇو نہ آهي؟ ۽ انھيءَ ڪري جو ، انجي ڇھريءَ مان ڪٿ کي جدا نہ ڪيو ويو آهي.
2. اهو آئينو جيڪو ڪٿ ۽ آلودگيءَ کان صاف آهي؛ سو خدا جي سج جي نور سان پرپور آهي ۽ چمڪي پيو.

3. ( اي حقيقت ۽ عرفان جا طالب ) وچ ۽ پهرين انهيءَ دل جي آئينيءَ جي ڇهري تان ڪٽ صاف ڪر، ۽ ان کان پوءِ انهيءَ نور کي حاصل ڪر.

4. هن حقيقت کي دل جي ڪنن سان ٻڌ ته جيئن ، مٽي ۽ پاڻي (جسماني قيدوبند) مان ٻاهر نڪري اچين.

استدلالي ۽ عقلي عالمن جي نزديڪ، علم حاصل ڪرڻ جو ذريعو محسوسات ۽ معقولات تي مبني آهي. انسان پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي سان داخلي ۽ خارجي طور علم ۾ اضافو ڪري ٿو. روحانيت ۾ اعتقاد رکڻ وارا انهيءَ نتيجي تي پهتا آهن ته ، حقيقي علم خارجي طور محسوسات جي وسيلي حاصل نٿو ٿئي، بلڪ قلب ۽ دل جي صفائي سان حاصل ٿئي ٿي. ان ڪري جو دل جي پاڪيزگي هر قسم جي بيمارين ۽

آلودگين جو علاج آهي. خارجي معلومات ۽ علم ، انسان کي شڪ وشبهات ۽ گمان جي دائري ۾ رکي ٿو ۽ اهل دل صوفين جي نزديڪ انسان، علم اليقين مان نڪري ، عين اليقين، ۽ حق اليقين تائين پهچي ٿو، جتي “ لاريب فيہ” (ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي) جو علم حاصل ٿي وڃي ٿو ۽ ڪو بہ شڪ ۽ گمان باقي نٿو رهي. انهيءَ جي وضاحت لاءِ مولانا روميؒ هڪ حڪايت بيان ڪري ٿو تہ:

ڪنهن بادشاه رومي ۽ چيني مصورن کي، پنهنجي ڪمال فن جي مقابلي لاءِ هڪ محلات جي اندر آمهون سامهون ٻن ديوارن تي رنگ و نقش ناهڻ لاءِ مقرر ڪيو۽ ٻنهي ديوارن جي درميان پردو ڏنو ويو. ان حڪم جي مطابق ، چينين ۽ رومين پنهنجي مصوري جو ڪم شروع ڪيو. چيني پنهنجي نقاشي ۾ ڪوشش ڪري تي بهترين ۽ قسمين قسمين منظر ناهيندا رهيا، پر

رومي ديوار کي صاف ڪري چمڪايائون جو آئيني جي مثل بنجي ويئي. جڏهن پردو هٽايو ويو ته چينن جا سمورا نقش و نگار ۽ نظارا، رومين جي ديوار تي منعڪس ٿي ويا.

مولانا رومي فرمائي ٿو ته علم حقيقي جي حاصل ڪرڻ جو حال به اهوئي آهي. هڪ گروه قلم جي ڪوشش ۽ فهم و فراست سان رنگ آميز تصويرون ناهي ٿو ۽ ٻيو روهانيت وارن جو گروه، قلب جي پاڪائي ۽ صفائي سان، انهن حقيقتن کي پنهنجي اندر منعڪس ڪري ٿو. ان ڪري انسان دل، آئيني جي مثل آهي ۽ ان جي پاڪيزگي ۽ صفائي سبب علم عرفان و حقيقت ان ۾ منعڪس ٿئي ٿي : غني ڪشميري چئي ٿو :

مــي توان ديد زهر ذره فـروغ خـورشيد
دل اگــر صاف شود روي زمين آئينہ است

—*—

**ڊاڪٽر گل حسن لغاري**

[ تصوف]

## روميءَ رھاڻ

## حيواني نفس ۽ عقل جي تقاضا

مولانا رومي پنھنجي مثنويءَ معنوي ۾ نفس ۽ عقل جي تقاضائن جو ذڪر ڪندي نفس کي ، زال سان ۽ عقل کي مرد سان تشبيھ ڏيئي فرمائي ٿو تہ:

1. ماجراي مرد و زن افتاد نقل
اين مثال نفس خود مي دان و عقل؛

2. اين زن و مردي کہ نفس است و خرد
نيک پايست است بھر نيک و بد؛

3. وين دو پا بستہ درين خاکي سرا
روز و شب در جنگ و اندر ماجرا؛

4. زن همي خواهد جويج خانقاه
يعني آبرو و نان و خوان و جاه؛
5. نفس همچون زن پئي چاره گري
گاه خاکي گاه جويد سروري؛
6. عقل خود زين فکر ها آگاه نيست
در دماغش جز غم الله نيست.

1. مرد ۽ عورت جو حال هن طرح بيان ڪجي ٿو ته مرد ” عقل“ جي مثل آهي ۽ عورت جو مثال ”نفس“ آهي.
2. آوه مرد ۽ عورت ڪير آهن ؟ نفس ۽ عقل جي مثل آهن ۽ نيڪي ۽ بديءَ لاءِ پاڻ ۾ پابند آهن.
3. جڏهن ته بئي هن رنگ و بو جي دنيا ۾ جڪڙيل آهن، ان ڪري ڏينهن ۽ رات، جهگڙي ۾ مبتلاآهن.

4. عورت گهر جي ضرورتن جي تقاضا ۾ مشغول آهي يعني کاڌي پيتي عزت و جاه جي طالب آهي.

5. ان ڪري ”نفس“ عورت جي مثل آهي. ڪڏهن ته عاجزي ۾ آهي ته ڪڏهن وري شان و شوڪت جي خواهش ۾.

6. عقل (يعني مرد) انهن فڪرن کان آگاه نه آهي، هن جي دماغ ۾ صرف غم الله آهي ( خدا تي توڪل ۽ ڀروسو آهي)

هتي مولانا رومي اها ڳالهه واضح ڪري ٿو ته ، عورت جو فڪر اڪثر ڪري کاڌي پيتي ، هار سينگار ۽ زينت جي طلب ۾ رهي ٿو. اهري ريت نفِس انسانيءَ جون خواهشون به عورت جي انهيءَ فڪر سان نهڪي اچن ٿيون. انهيءَ جي مقابلي ۾ عقلمند مرد جون ضرورتون ۽ گهرجون معنوي حقيقي هونديو آهن، پر جيئن ته نفس ۽ عقل، ٻنهي کي هڪڙي وجود ۾ رهڻو پوي ٿو، ان

ڪري ڪشمڪش ۽ مقابلو جاري رهي ٿو ، ڇو تہ نفس جو گهرجون ۽ عقل جا مطالبا ، پاڻ ۾ موافق نٿا اچن.

اها بہ حقيقت آهي تہ عورت جو پنهنجي مرد کان گهر جي هلائڻ جي تقاضا ڪرڻ، ٻارن جي پرورش ڪرڻ لاءِ ، جدوجهد ڪڻ فطري ڳالهہ آهي ۽ جائز گُهر آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو تہ مرد، عقل و حڪمت يا شعر و ادب يا روحانيت ۾ مشغول رهي ٿو تہ زال کي اهڙي قسم جي مشغولي سمجهہ ۾ نٿي اچي ، پر جيڪڏهن سمجهي بہ ڪٽي تہ بہ زال ان لاءِ داد نہ ڏيندي ؛ علم و ادب ، شعر يا روحانيت ، اهي مصروفيتون مرد کي زندگي جي اسباب مهيا ڪرڻ ۾ رنڊڪون وجهن ٿيون. اهو ئي سبب آهي تہ اڪثر عالمن ، فيلسوفن، ، اوليائن ۽ اهل ڪمال جي خانگي زندگي خوشوار نہ رهي آهي. زال جو مطالبو هڪ طرف تہ مرد جو ذوق ٻي طرف!

جيئن تہ هڪ محقق عالم جو قيمتي ڪتبخانو سڙي خاڪ ٿي ويو . هن جا دوست بہ ان افسوس ناڪ واقعي لاءِ ڏک جو اظهار ڪندا رهيا. پاڻ بہ افسرده هو. پر سندس گهرواري ڏاڍي خوش ! چي چڱو ٿيو. چوتہ انهن ڪتابن جي ئي ڪري، مون ڏانهن منهنجي مڙس توجہ نہ ٿي ڪيو!

شيخ سعدي بہ پنهنجو حال لکيو آهي تہ ڪجهہ دوستن گهر وني ويو. ڪاڏي پيتي جو سامان تہ اڳ ۾ ئي مختصر هو. گهر ۾ زال ڪي چيائين تہ، هڪدم ڪٽندي ديڳڙي مٿي ۾ هنيس. ديڳڙي جو ترو ڀڃي پيو ۽ ڳچي ۾ طوق وانگر لٽڪجڻ لڳي. جڏهن دوستن وٽ پهتو تہ انهن اها ماجرا ڏسي پڇيو تہ ڇا ٿيو آهي؟ شيخ سعدي جواب ڏنو تہ : ” درگلويم سنت پيغمبر يست“ ؛ يعني منهنجي ڳچيءَ ۾ سنت پيغمبري آهي.

سقراط جي سوانح حيات ۾ سندس زال جو قصو بہ اچي ٿو. سقراط حڪمت فلسفي ۾

مشغول رهندو هو. گهر ۾ کاڌي پيتي ۽ ٻئي قسم جو سامان نهايت ٿورو هوندو هو. پاڻ ، ڏينهن جا ڏينهن گهر تہ کان ٻاهر رهندو هو. ڪڏهن افلاطون جي گهر تہ ڪڏهن ٻئي ڪنهن دوست جو مهمان خير و شر ۽ ٻين موضوعن بحث و مباحثا ڪندو رهندو هو.

هڪ دفعي جڏهن گهر پهتو تہ سندس زال غصي ۾ پوري طرح سان ويٺي هئي ۽ هن وڏي گجگوڙ سان سندس استقبال ڪيو ۽ هڪدم پاڻيءَ جي بالٽي مٿان ڪٽي هاريائينس. انهيءَ تي سقراط ڪان ڪل نڪري ويئي ۽ چيائين تہ ايتري گوڙ ۽ گمسان ڪانپوءِ بہ وسڻ ضروري هو!

هڪ ولي الله جوذڪر آهي تہ ان وٽ ڪو مريد ملاقات لاءِ ويو. وجي ڏسي تہ ان ولي الله کي سندس زال تمام بي انصافي سان ڳالهائي رهي آهي. هو حيران ٿيو ۽ چيائين تہ حضرت ! اهڙي ناهنجار ۽ نالئق زال کان ڇوٽڪارو ڇو نٿا

حاصل ڪريو؟ ان مرد خد جواب ڏنو تہ تون ان راز کان واقف نہ آهين. انهيءَ جي تلخ بياني تي صبر ڪرڻ جي مشق جي ڪري تہ مون کي ولايت ملي آهي!

انهيءَ ڪري عارف رومي(رح) نفس کي زال سان ، عقل کي مرد سان تشبيہ ڏني آهي ۽ نفس جي طلب ۽ عقل جي تقاضا ۾ ناانصافي جو سبب اهوئي آهي ۽ انهيءَ نااتفاقي جي باوجود ، ٻنهي کي گڏ رهڻو پوي ٿو ۽ ٻنهي جي ڪشمڪش هڪ فطري ۽ لازمي امر آهي.